پلڊاٽ
پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف
ليجسليٽو ڊولپمينٽ
اينڊ ٽرانسپيرنسي

# مانيٽر

ڊسمبر 2015

## معلومات تائين پهچ جي حق (آر ٽي آءِ) جي جاچ

### هن شماري ۾

I. وفاقي حڪومت ڄاڻ جي حق جي بل لاءِ قانونسازي وارو واعدو وفا نہ ڪري سگهي
II. قومي اسيمبلي ميمبرن جي اجلاسن ۾ حاضري بابت ڄاڻ جي پڌرائي باوجود حاضري ۾ بهتري نہ آئي
III. سنڌ سرڪار جي دعوي وارو آرٽي آءِ بل ڪٿي آهي؟
IV. پنجاب گورنر هائوس جي انفارميشن ڪميشن جا حڪم مڃڻ کان لاڳيتو نابري
V. آرٽي آءِ ڪميشن جو ڪي پي پوليس تي ڏنڊ پر اوڳاڙي جي طريقيڪار جي اڻ هوند

ڄاڻ جي حق جو علائقائي ۽ بين الاقوامي منظر نامون

VI. سري لنڪا جي پهريون آر ٽي آءِ بل جاري ٿيڻ وارو



## وفاقي حڪومت ڄاڻ جي حق جي بل لاءِ قانونسازي وارو واعدو وفا نہ ڪري سگهي

وزيراعظم جي پارلياماني معاملن بابت اسپيشل اسسٽنٽ بيريسٽر ظفرالله جو اهو واعدو تہ وفاقي حڪومت بين الاقوامي طور مڃيل ڄاڻ جي آزادي جو بل اينڊڙ پارليامنٽ جي اجلاس ۾ پيش ڪيو ويندو پر انهي واعدي بعد بہ قومي اسيمبلي ۽ هڪ سينيٽ جو اجلاس ٿي چڪو آهي پر وفاقي حڪومت اڃا پنهنجو واعدو وفا نہ ڪري سگهي آهي.

بيريسٽر ظفرالله 19 نومبر 2015 تي هڪ سيمينار کي خطاب ڪندي چيو هو تہ ڄاڻ جي آزادي جو بل وفاقي ڪابينہ جي منظوري لاءِ غورهيٺ آهي ۽ ڪابينہ جي منظوري بعد رٿيل قانون کي سرڪاري بل طور اينڊڙ پارليامنٽ ۾ پيش ڪيو ويندو.

ٿيئي پاسي، 16 سيپٽيمبر 2015 کان وفاقي ڪابينہ جو ڪوبہ اجلاس نہ ڪوٺرايو ويو آهي. جيئن تہ آرٽي آءِ مانيٽر جي سيپٽيمبر واري شماري ۾ ٻڌايو ويو هو تہ 2 جنوري 2015 تي آرٽي آءِ بل کي حتمي شڪل ڏيندڙ سينيٽ جي اطلاعات، سڌسماءُ ۽ قومي ورثي جي گڏجاڻي بعد وفاقي ڪابينہ جو 12 گڏجاڻيون بہ ٿي چڪيون آهن. وزيراعظم سيڪريٽريٽ پاران جاري ڪيل پريس ريليز موجب ان بل تي غور ڪرڻ واري معاملي کي 24 آگسٽ 2015 تي ٿيندڙ وفاقي ڪابينہ جي ايجنڊا ۾ بہ شامل ڪيو ويو هو پر نہ رڳو ان گڏجاڻي ۾ معاملي تي غور نہ ڪيو ويو پر ان بعد ٿيندڙ 11 ٻين گڏجاڻين ۾ بہ ان کي بحث هيٺ نہ آندو ويو.

بدقسمتي سان بيريسٽر ظفرالله وفاقي حڪومت جو اڪيلو ترجمان نہ آهي جنهن آرٽي آءِ بل جي منظوري لاءِ عوامي سطح تي خاطري ڪرائي آهي پر ان کان اڳ 26 آڪٽوبر 2015 تي اطلاعات، سڌسماءُ ۽ قومي ورثي جي وفاقي وزير سينيٽر پرويز رشيد پڻ خاطري ڪرائي هئي تہ حڪومت پاران پارليامنٽ جي اينڊڙ اجلاس ۾ بل کي منظور لاءِ پيش ڪيو ويندو.

وفاقي حڪومت انيڪ ڀيرا سگهاري انداز ۾ عوام جي ڄاڻ جي حق کي يقيني بنائڻ لاءِ پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو آهي. جيتوڻيڪ عوامي طور تي ڪيل ڪيترن ئي خاطرين ڪانسواءِ حڪومت مختلف وقتن تي تيار ٿيندڙ بين الاقوامي طور مڃيل آرٽي آءِ بل جي مسودي جي مالڪي ڪندي انهي کي پارليامنٽ ۾ پيش ڪرڻ جو اعلان پڻ ڪيو آهي. حڪومت کي هاڻي پنهنجي انجام کي پاڙيندي قول ۽ فعل کي عمل جي شڪل ڏيڻ گهرجي. ٻي صورت ان ڳالھ جو خدشو موجود آهي تہ معاملي جي حوالي سان اهڙي عوامي راءِ حڪومت خلاف جڙي سگهي ٿي تہ اها واعدا ڪري ڦري ويندي آهي.

قومي اسيمبلي ميمبرن جي اجلاسن ۾ حاضري بابت ڄاڻ جي پڌرائي باوجود حاضري ۾ بهتري نہ آئي

جولاءِ 2015 ۾ پاڪستان جي صدر ممنون حسين پلڊاٽ پاران قومي اسيمبلي جي ميمبرن جي حاضري جي ريڪارڊ کي ڄاڻ جي آزادي واري حق سان جوڙيندي پلڊاٽ پاران پڌرو ڪرڻ واري هڪ درخواست کي تسليم ڪيو. صدر پاڪستان جي انهي تاريخي فيصلي سان قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ حاضري ريڪارڊ کي سندس سرڪاري ويب سائيٽ تي چاڙهڻ شروع ڪري ڏنو. قومي اسيمبلي جي ويب سائيٽ هاڻي ميمبرن جي حاضري جو 23 کان 27 اجلاس (5 جون کان 18 ڊسمبر 2015) تائين جي ريڪارڊ کي ڏيکاري ٿي.

قومي اسيمبلي ميمبرن جي حاضري جو ريڪارڊ جيئن ئي قومي اسيمبلي جي ويب سائيٽ تي اچڻ شروع ٿيو تہ سول سوسائٽي ۽ ميڊيا ان تي سرهائي جو اظهار ڪيو ۽ اميد ظاهر ڪئي تہ ان سان ميمبرن جي حاضري ۾ مثبت لاڙا ظاهر ٿيڻ شروع ٿيندا. پر بدقسمتي سان پاڪستان جي صدر جي جولاءِ ۾ ڏنل حڪمن بعد ٿيل گذريل ٽن اسيمبلي اجلاسن (24، 25 ۽ 26هين اجلاسن) ۾ ميمبرن جي حاضري ۾ مثبت لاڙا نظر نہ آيا آهن.

قومي اسيمبلي جي 24هين اجلاس ۾ ميمبرن جي سراسري حاضري 59 سيڪڙو، 25هين اجلاس ۾ 69 سيڪڙو، جڏهن ته 26هين اجلاس ۾ سراسري حاضري رڳو 47 سيڪڙو رهي. مجموعي طور تي جاچايل ٽنهي اجلاسن جي سراسري جملي ميمبرن جي پيٽ ۾ حاضري 60 سيڪڙو ريڪارڊ ڪئي ويئي. ٽنهن ڪري ريڪارڊ موجب قومي اسيمبلي ميمبرن جي حاضري ۾ مثبت لاڙا ڏسڻ وٺان نه مليا آهن. معاملي تي وڌيڪ بهتر نتيجو اخذ ڪرڻ لاءِ قومي اسيمبلي جا ايندڙ اجلاس ميمبرن جي حاضري جي حوالي سان مثبت يا منفي لاڙن جي شرح بابت خبر پئجي سگهندي. نتيجو ڏيندڙ انگن اکرن جي کوٽ باوجود عوام کي قومي اسيمبلي ميمبرن جي بهتر حاضري جي اميدن بابت لاڳيتو آواز اٿارڻ گهرجي.

## سنڌ سرڪار جي دعوي وارو آرٽي آءِ بل ڪٿي آهي؟

انهي دعوي جي باوجود ته اها پرڳٽي ۾ لاڳو فريڊم آف انفارميشن ايڪٽ 2006 کي نئين سري سان جوڙڻ ۽ لاڳو ڪرڻ ۾ سنجيده آهي، سنڌسرڪار نه نئين آرٽي آءِ بل کي صوبائي اسيمبلي ۾ منظوري لاءِ پيش ڪيو آهي ۽ نه ئي ان جي مسودي کي عوامي فيڊبيڪ لاءِ پڌرو ڪيو آهي.

جيئين ته آرٽي آءِ مانيٽر جي آگسٽ 2015 واري شماري ۾ ٻڌايو ويو هو ته تڏهوڪي اطلاعات واري صوبائي وزير نثار کهڙي، پلڊاٽ جي صدر احمد بلال محبوب سان ملاقات بعد خاطري ڪرائي هئي ته سنڌ ۾ نئون آرٽي آءِ قانون سنڌ ڪابينه پاران غور هيٺ آهي ۽ ان کي جلد صوبائي اسيمبلي ۾ منظوري لاءِ پيش ڪيو ويندو.

5 نومبر 2015 تي نثار کهڙي پلڊاٽ پاران ميڊيا ۽ صوبائي اسيمبلي ميمبرن لاءِ ڪوٺرايل سيشن ۾ اها خاطري هڪ ڀيرو ٻيهر ڪرائي ويئي هئي. هن اها پڻ دعوي ڪئي هئي ته سنڌ ۾ آرٽي آءِ جو رٿيل نئون قانون خيبر پختونخواهه ۽ پنجاب جي پيٽ ۾ وڌيڪ بهتر آهي.

انهن دعوائن جي باوجود سنڌ سرڪار صوبي ۾ لاڳو فريڊم آف انفارميشن ايڪٽ 2006 تي به چڱي نموني عمل درآمد نه ڪرائي سگهي آهي. سنڌ ملڪ ۾ واحد صوبو آهي جنهن اجا تائين لاڳو قانون جي حوالي سان نه ڪي قاعدا جوڙي پڌرا ڪيا آهن ۽ نه ئي وري شيڊيول آف ڪاسٽ جاري ڪري سگهيو آهي. اهڙي عمل سان 9 سال اڳ ۾ منظور ٿيندڙ قانون تي عمل درآمد کي سخت ڇيهو رسيو آهي.

سنڌ سرڪار اهو اقرار ڪري چڪي آهي ته انهن 9 سال اڳ لاڳو ڪيل قانون تي اجاتائين عمل درآمد ئي شروع ناهي ڪيو ويو. اهو ٻڌائڻ هتي ضروري آهي ته پلڊاٽ پاران ڄاڻ جي حق ۽ آزادي قانونن تي عملدرآمد جي حوالي سان وفاق ۽ صوبن پاران ڪرايل تشخيصي اسڪورڊ ڪارڊ ۾ به سنڌ سڀني کان گهٽ اسڪور حاصل ڪندي آخري پوزيشن حاصل ڪئي هئي. سنڌ جي اطلاعات ۽ آرڪائيوز کاتي پلڊاٽ کي ڄاڻ ڏني آهي ته ”صوبي ۾ اڳي کان لاڳو قانون تي منظوري کان هيل تائين انهي ڪري عمل درآمد نه پيو ٿئي ڇاڪاڻ ته سول سوسائٽي ۽ ٻين لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرن پاران انهي قانون کي قبول ئي ناهي ڪيو ويو.“

سنڌسرڪار پاران مدي خارج قانون تي به عمل درآمد بابت ڏنل اهڙي قسم جي وضاحتن بعد ان تي اچرج نه ٿيڻ گهرجي ته سنڌ پاران دعوائن باوجود نئون اهو آرٽي آءِ قانون اسيمبلي ۾ منظوري لاءِ ڇو نٿي پيش ڪري پئي جنهن لاءِ سول سوسائٽي ڊگهي عرصي کان گهر ڪري رهي آهي.

## پنجاب گورنر هائوس جي انفارميشن ڪميشن جا حڪم مڃڻ کان لاڳيتو نابري

پنجاب انفارميشن ڪميشن پاران گورنر هائوس پنجاب جي خرچن جي تفصيل جي فراهمي جي حوالي سان تازو ڏنل حڪم کي جاري ڪندي 75 ڏينهن گذري چڪا آهن. پنجاب انفارميشن ڪميشن 14 آڪٽوبر 2015 تي خرچن جي تفصيل بابت جاري ٿيل تازي حڪم ۾ پنجاب گورنر هائوس ڊپٽي سيڪريٽري طارق شهزاد جي دليلن کي رد ڪري ڇڏيو هو، جڏهن ته اهو ان ڪيس بابت ڪو پهريون حڪم نه هو. ان معاملي تي 14 سيپٽيمبر 2014 کان خرچن جا تفصيل فراهم ڪرڻ بابت ڪيترائي حڪم اڳ ۾ به جاري ٿي چڪا آهن.

شروعاتي طور صحافي وسيم عباسي 18 سيپٽيمبر 2014 تي گورنر هائوس سيڪريٽريٽ ۾ خرچن جا تفصيل پڌرو ڪرڻ بابت هڪ درخواست جمع ڪرائي هئي، جنهن تي عمل نه ڪيو ويو. ان بعد وسيم عباسي ڊپٽي سيڪريٽري گورنر هائوس پنجاب کي ڌر ٺهرائيندي پنجاب انفارميشن ڪميشن وٽ شڪايت جمع ڪرائي. شڪايت تي فيصلو ڏيندي 12 فيبروري 2015 تي گورنر هائوس کي ڄاڻ فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. جڏهن ان حڪم تي به عمل نه ڪيو ويو ته پنجاب انفارميشن ڪميشن پاران 3 مارچ 2015 تي ڊپٽي سيڪريٽري کي سبب ڄاڻايو نوٽيس جاري ڪيو ويو. ڪميشن پاران 15 اپريل 2015 تي 3 مارچ 2015 تي اماڻيل سبب ڄاڻايو

نوٽيس تي پنجاب گورنر هائوس جي ڏنل جواب ۾ اعتراضن کي رد ڪندي هڪ پيرو بيهر خرچن جا تفصيل فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

اهو اجا ڏسڻو باقي آهي پنجاب گورنر هائوس، پنجاب انفارميشن ڪميشن جي تازي حڪم کي تسليم ڪندي گهربل ڄاڻ فراهم ڪندو پر گورنر هائوس سيڪريٽريٽ پاران جسيتائين ان معاملي تي رڪاوٽ وڌي ويندي، اها اميد نہ رکڻ گهرجي تہ بيا سرڪاري ڪاتا، پنجاب انفارميشن ڪميشن جي حڪمن کي ڪا اهميت ڏيندا.

## آر ٽي آءِ ڪميشن جو ڪي پي پوليس تي ڏنڊ پر اوڳاڙي جي طريقيڪار جي اڻهوند

خيبرپختونخواه انفارميشن ڪميشن 14 ۽ 15 ڊسمبر جي ترتيبوار ٻن مختلف حڪمن ۾ خيبرپختونخواه پوليس کاتي جي پبلڪ انفارميشن آفيسر قاضي ساجدالدين تي جملي 50 هزار روپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو آهي.

اهو ڏنڊ خيبرپختونخواه انفارميشن ڪميشن پاران ٻن مختلف درخواستن جي ٻڌڻي بعد لاڳو ڪيو ويو. خيبرپختونخواه انفارميشن ايڪٽ 2013 کي استعمال ڪندي خيبرپختونخواه پوليس کاتي جي ٻن ملازمن، سينٽرل پوليس آفيس پشاور ۽ ڊسٽرڪٽ پوليس آفيس ڪرڪ کي ڌر بڻائيندي ٻن مختلف جاچ رپورٽن جي نقل فراهم ڪرڻ جي درخواست ڪئي هئي پر لاڳاپيل پبلڪ انفارميشن آفيسر گهربل رپورٽون 10 ڏينهن اندر فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ثابت ٿي ويو هو.

خيبرپختونخواه انفارميشن ڪميشن ٻنهي درخواستن تي 16 سيپٽيمبر ۽ 23 سيپٽيمبر تي ٻن ڌار خطن ذريعي پبلڪ انفارميشن آفيسر کي هدايتون جاري ڪيون هيون. ٻنهي خطن جو جواب نہ ڏيڻ تي ڪميشن پبلڪ انفارميشن آفيسر کي سبب ڄاڻايو نوٽيس پڻ جاري ڪيو ويو هو. ٻنهي نوٽيسن جو جواب نہ ملڻ تي ڪميشن پاران پبلڪ انفارميشن آفيسر تي 25 هزار روپيا في درخواست ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو. خيبرپختونخواه جي آر ٽي آءِ قانون موجب ڪميشن جي حڪمن جي لتاڙ جي صورت ۾ اهو وڌ ۾ وڌ ڏنڊ آهي.

ڪميشن پاران قانون تي ان جي روح موجب عملدرآمد ڪرڻ ساراهہ جوڳو عمل آهي پر بدقسمتي سان ڪميشن جي سيڪريٽري مشتاق احمد غني موجب انهن وٽ لاڳو ڪيل ڏنڊ کي اوڳاڙڻ جو طريقيڪار موجود نہ آهي. ان جو سبب اهو آهي تہ قانون جي منظوري جي ٻن سالن بعد بہ ڪميشن رولز آف بزنس يا قاعدا نہ جوڙي سگهي آهي.

خيبرپختونخواه انفارميشن ڪميشن پاران رولز نہ جوڙڻ وارو معاملو جو تڪڙو حل ڪڍڻ گهرجي. موجود قاعدن موجب ڪميشن سرڪاري طور تي ڏنڊ اوڳاڙي نٿي سگهي جنهن سان ان قانون هيٺ ٽينڊڙ لتاڙ جي نتيجي ۾ ڏنل سزا خلاف رڪاوٽن ۾ حربن ۾ اضافو ٿيڻ جو خدشو آهي. جيستائين اهي رولز جاري نہ ٿا ڪيا وڃن، ڪميشن کي معاملي جو عارضي حل ڪڍڻ گهرجي تہ جيئن اها لاڳو ڪيل ڏنڊ اوڳاڙي سگهي. ٻي صورت ۾ سندن پاران قانون تحت شڪايتن جي نتيجي ۾ ڏنل فيصلن ۾ عملدرآمد بابت ساراهہ جوڳو ڪيل ڪم بي اثر بنجي ويندو.

## ڄاڻ جي حق جو علائقائي ۽ بين الاقوامي منظر نامون

## سري لنڪا جي پهريون آر ٽي آءِ بل جاري ٿيڻ تي

ڊسمبر جي شروعات ۾ سري لنڪا جي ڪابينہ ڄاڻ تائين رسائي واري حق بابت بل منظور ڪري ورتو آهي، جنهن سان اهو ڏکڻ ايشيا ۾ اهڙو ملڪ بنجي ويو آهي جنهن پنهنجي شهرين پاران سرڪاري اختيارين کان ڄاڻ تائين رسائي جي ضمانت جون تازيون ڪوششون شروع ڪري ڏنيون آهن.

سري لنڪا ۾ آر ٽي آءِ قانون کي منظور ڪرائڻ واري جدوجهد 2004 ۾ ان وقت شروع ٿي جڏهن يونائيٽڊ نيشنل پارٽي جي حڪومت پارليامنٽ ۾ بل کي متعارف ڪرايو. بدقسمتي سان ساڳي سال ۾ پارليامنٽ جي تحليل ٿي وڃڻ سبب اهو بل منظور نہ ٿي سگهيو.

انهي قانون جي پارليامنٽ ۾ پيش ڪرڻ جي 12 سالن باوجود سري لنڪا جي نئين يونائيٽڊ پارٽي جي حڪومت جس لهڻي جنهن پنهنجو انجام پاڙيو آهي.

**پڌرائي**

”توهان جي ڄاڻ جو حق ڄاڻڻ“ بابت هي مانيٽر، مرڪز ۽ صوبائي سطح (پنجاب ۽ سنڌ) تي وڌيڪ اثرائتي حق واري پراجيڪٽ تحت پلڊاٽ پاران ترتيب ۽ شائع ڪيو ويو آهي. ان پراجيڪٽ جي مالي سهائتا جو بندوبست The Enhanced Democratic Accountability and Civic Engagement (EDACE) Project تحت The Development Alternatives Inc. (DAI) under پاران ڪيو ويو آهي. پلڊاٽ سٺ پاران ڀرپور ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ عوامي سطح تي دستياب ڊيٽا ۽ ان بنياد تي ڪيل تجزئي کي هن پيپر ذريعي بالڪل درست نموني پيش ڪجي. ان ڪري ڪابہ رهجي ويل معلومات يا غلطي شعوري طور نہ ڪئي ويئي هوندي. اهو ضروري ناهي تہ هن پيپر ۾ پيش ڪيل تجزئي يا راءِ کي The Development Alternatives Inc. (DAI) جي موقف جي تائيد حاصل هجي.